هفتيوار رسالو

امير اهل سنت جو بيان

# رمضان المبارڪ جون عبادتون ڪيئن مقبول ٿين؟

شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابوبلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: رمضان جون عبادتون ڪيئن قبول ٿين؟
ڇاپو پهريون:
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

# رمضان جون عبادتون ڪيئن قبول ٿين؟ [1]

(قسط 1:)

## دعاءِ عطار:

اي ربّ ڪريم! جيڪو بہ هي رسالو ”رمضان جون عبادتون ڪيئن قبول ٿين؟“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي ماهِ رمضان جي برڪتن ۽ عبادتن جي لذتن سان مالا مال فرماءِ ۽ ان کي سندس والدين ۽ خاندان سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي ڇانوَ ڪانسواءِ ٻي ڪا بہ ڇانوَ نہ هوندي. ٽن قسمن جا ماڻهو ان ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي ڇانوَ هيٺ هوندا: (1) اهو شخص

---

[1] ... امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه کان 8 شوال شريف 1441 هجري تي مدني مذاڪري کان پهريان ٿيندڙ سنّتن ڀريو بيان.

جيڪو منهنجي اُمَّتيءَ جي پريشاني دور ڪري (2) جيڪو منهنجي سنت کي زنده ڪري ۽ (3) جيڪو مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهي. (البدور السافرة للسيوطى، ص 131،حديث: 366 )

وہ سلامت رہا قیامت میں | پڑھ لیے جس نے دل سے چار سلام
میرے پیارے پہ میرے آقا پر | میری جانب سے لاکھ بار سلام
میری بگڑی بنانے والے پر | بھیج اے میرے کِردگار سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رمضان! ڪجهه ڏينهن اڳ جي ئي ته ڳالهه آهي ته ماهِ رمضان المبارڪ جي اچڻ جو پُرڪيف آواز گونجيو هو پر افسوس! ڏسندي ئي ڏسندي رمضان المبارڪ جو رحمتن ڀريو ۽ پيارو مهينو موڪلائي ويو. الله پاڪ اسان کي هن مبارڪ مهيني جي حقيقي محبت نصيب فرمائي ۽ هن مبارڪ مهيني ۾ اسان کان جيڪي به اَڌوريون عبادتون ٿيون آهن، انهن کي پنهنجي رحمت سان قبول فرمائي ۽ عبادتن ۾ ٿيندڙ ڪوتاهين کي معاف فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم.

## هاءِ! تڙپائي رمضان هليو ويو

اي عاشقانِ رسول! رمضانُ المبارڪ جي برڪتن جي به ڇا ڳالهه ڪجي! هن مقدس مهيني جي اچڻ کان پهريان ئي گهرن ۾ تياريون

شروع ٿي وينديون آهن. هن مبارڪ مهيني جو هڪ پنهنجو ئي مزو ۽ سرور هوندو آهي جيڪو ٻين ڏينهن ۾ ناهي هوندو، جيئن ئي رمضان المبارڪ جو چنڊ نظر ايندو آهي تہ دل تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي جنهن جي ڪري انسان پاڻمرادو عبادت ڏانهن مائل ٿي ويندو آهي ۽ مسجدن ڏانهن اچڻ لڳندو آهي. پر جيئن ئي عيد جو چنڊ نظر ايندو آهي تہ رمضان المبارڪ جي عاشق جي دل غم ۾ ٻڏي ويندي آهي، مسجدون خالي ٿي وينديون آهن، دين جو درد رکندڙ کي مسجدن جي ويراني تڙپائي رکندي آهي، جڻ تہ رمضان المبارڪ جي وڃڻ تي فضائون بہ غمگين ۽ هوائون بہ سوڳوار ٿي وينديون آهن. هي هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا جذبات (Feelings) هوندا آهن: ڪنهن کي غم ايترو هوندو آهي جو ان کي بلڪل چين ناهي ايندو، جيئن ڪنهن ويجهي عزيز جي لاڏاڻي تي چين ناهي ايندو. اهڙي ئي ڪيفيت Feelings ڪجهہ خوش نصيبن جي رمضان المبارڪ جي رخصت ٿيڻ تي هوندي آهي تہ هاءِ افسوس! رمضان جو بابرڪت ۽ نهايت عظمت و شان وارو مهينو اسان کان رخصت ٿي ويو، اهو سڀ ڪجهہ هليو ويو جيڪو رمضان جي ڪري اسان کي نصيب ٿيو هو.

مسرّت سے سینہ مدینہ بنا تھا
مزہ خوب رَمضان میں آرہا تھا
پَڑے رَنج و غم کا اندھیرا ہوا تھا
مزہ خوب رمضان میں آرہا تھا

خبر جب کہ رَمضاں کی آمد کی آئی
تو مرجھائے دل کی کلی مُسکرائی
کیا اَبرِ کرم نور برسا رہا تھا
مزہ خوب رَمضان میں آرہا تھا
نظر چاندِ رَمضاں کا جس وقت آیا
ہُوا رَحمتوں کا زمانے پہ سایہ
اُفُق پر بھی اَبرِ کرم چھا گیا تھا
مزہ خوب رَمضان میں آرہا تھا
ترانے خوشی کے فضا گُنگناتی
ہَوا بھی مسرت کے نغمے سناتی
جِدھر دیکھئے مرحبا مرحبا تھا
مزہ خوب رَمضان میں آرہا تھا
مجھے ماہِ رَمضاں کا غم دے الٰہی
مِٹا حُبِّ دنیا کی دل سے سیاہی
مزہِ فانی سَنسار میں کیا رکھا تھا
مزہ خوب رَمضان میں آرہا تھا

(وسائل بخشش، ص621)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رمضانُ المبارڪ جي ياد جوانوکو انداز

اڳي ماڻهو رمضانُ المبارڪ کي ائين ياد رکندا هئا جو رمضان شريف اچڻ کان 6 مهينا (Six months) پهريان الله پاڪ کان رمضان شريف ماڻڻ جون دعائون گهرندا رهندا هئا ۽ پوءِ رمضان شريف جي هلي وڃڻ کان پوءِ ڇهن مهينن تائين هن مبارڪ مهيني ۾ ڪيل عبادتن جي قبوليت جون دعائون گهرندا رهندا هئا. (لطائف المعارف،ص240)

اَلْحَمْدُلله! اسان کي ٻہ سڄو سال رمضانُ المبارڪ جو انتظار رهندو آهي، بلڪ ڪجھ خوش نصيب تہ سڄو سال ئي هيءَ دعا گھرندا رهندا آهن: ”اَللّٰهمَّ بَلِّغْنَا رَمَضَانَ بِصِحَّةٍ وَّعَافِيَةٍ“ يعني ”اي الله پاڪ! اسان کي صحت ۽ عافيت سان رمضان جي مهيني سان ملائي ڇڏ.“

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## رمضان الڪريم سان اميرِ اهلِ سنت جو اظهارِ محبت

اَلْحَمْدُلله! هي مون تي الله پاڪ جي نعمت، الله پاڪ جي رحمت ۽ الله پاڪ جو ڪرم آهي جو مون کي اڄ کان نہ پر ننڍپڻ کان رمضان شريف سان پيار آهي. جڏهن کان هوش سنڀاليو آهي، رمضان مون کي سٺو لڳندو آهي. خدا جو قسم! رمضان رحمت جو درياهہ آهي، مان انتظار ڪري رهيو هئس تہ رمضان اچي وڃي، (جڏهن رمضان آيو تہ هاڻي مان رحمت جي درياهہ ۾ اچي ويس. الحمدلله! ساهہ ۾ ساهہ اچي ويو. (مدنی مذاکرہ،پہلی رمضان المبارک 1446ہجری مطابق 2مارچ2025)

جب بھی آتا ہے رمضان — جان میں آجاتی ہے جان
خوب ہے رمضاں کی بھی شان — اس میں اُترا ہے قراٰن

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## رمضان المبارڪ کي ياد رکڻ جا مختلف طريقا

اي ڪاش! الله پاڪ اسان کي غمِ رمضان نصيب فرمائي، اهڙو ڪرم ٿي وڃي جو اسان سڄو سال ئي رمضان المبارڪ کي ياد رکون. ان جا مختلف طريقا ٿي سگهن ٿا: مثال طور هڪ خاص ڊائري ٺاهي رکو جنهن ۾ رمضان جي اچڻ جي تاريخ ۽ ان جي رخصت ٿيڻ جي تاريخ لکي سگهجي. ائين ئي ان ڊائريءَ ۾ پنهنجا اهي ورد ۽ وظيفا بہ لکندا رهو جيڪي توهان رمضان شريف ۾ پڙهندا آهيو ۽ پوءِ ان ڊائريءَ کي پڙهي رمضان جي ياد تازي ڪندا رهو. چو تہ رمضان المبارڪ جي ڪجهہ نہ ڪجهہ ياد تہ هجڻ گهرجي. منهنجي کاٻي هٿ جي ٻانهن تي هڪ زخم جو نشان آهي جنهن کي مان ڪڏهن ڪڏهن چُمي بہ ڏيندو آهيان، ان ڪري جو مون کي اهو زخم 2015 جي رمضان المبارڪ ۾ ٿيو هو. رمضان جي ياد دير تائين باقي رکڻ لاءِ منهنجو تجربو آهي تہ هن مبارڪ مهيني جي رخصت ٿيڻ کان پوءِ جيتري قدر ٿي سگهي انسان پنهنجي زبان بند رکي ان تي خاموشيءَ جو تالو لڳائي ڇڏي ۽ رمضانُ المبارڪ جي فضيلت کي پنهنجي ذهن ۾ ياد ڪري جتي ڳالهائڻ جي ضرورت هجي صرف اتي ئي ڳالهائي. اهڙي

طرح ڪندي ڪندي آهستي آهستي رمضان المبارڪ جي ياد ۾ روئڻ
بہ نصيب ٿي ويندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! [1]

## خليفءِ اميرِ اهلِ سنت ۽ رمضان الڪريم جي ياد

”هڪ ڀيري منهنجي صاحبزادي (يعني خليفءِ اميرِ اهلِ سنت الحاج عبيد رضا عطاري مدني مَدَّظِلُّهُ الْعَالِی) ٻڌايو تہ منهنجي هيءَ عادت آهي ۽ هن سال بہ (رمضان المبارڪ جي ياد تازي رکڻ لاءِ) مون شعبان شريف جي آخري ڏينهن غروبِ آفتاب جو وقت پنهنجي گھڙيءَ ۾ بطورِ ”الارم“ لڳائي ڇڏيو. روزانو جڏهن اهو وڄندو آهي تہ مون کي رمضان المبارڪ جي ياد ڏياريندو آهي، اهڙي ئي طرح جڏهن صبح بهاران جو وقت ويجهو ايندو آهي، تڏهن بہ مان ائين ئي ڪندو آهيان.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نفل روزن جي تحريڪ

---

1... رمضان الڪريم جي ياد دل ۾ وڌائڻ لاءِ شعبہ هفتيوار رسائل پاران اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جون رمضان المبارڪ ۾ لکيل تحريرون ”يادِ رمضان“ قسط 1، 2 ۽ 3 جي نالي سان پيش ڪيون ويون آهن، انهن کي پڙهڻ لاءِ هي QR ڪوڊ اسڪين ڪريو.

يادِ رمضان قسط:1     يادِ رمضان قسط:2     يادِ رمضان قسط:3

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! رمضان شريف جي ياد کي باقي رکڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي مجلس اصلاحِ اعمال پاران نفل روزن جي بہ تحريڪ جاري آهي جنهن جون ٽي صورتون (Categories) آهن: (1) ”ايامِ منهيہ (يعني عيد الفطر، عيد الاضحیٰ، ۽ 11، 12، ۽ 13 ذوالحج) کانسواءِ سڄو سال روزا رکڻ.“ (2) ”صومِ دائودي يعني هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن روزو رکڻ يا پنهنجي سهولت مطابق مهيني ۾ پندرهن ڏينهن روزا رکڻ“، پر صومِ دائودي واري فضيلت تڏهن ئي ملندي جڏهن هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن روزو رکيو وڃي. صومِ دائودي بابت الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”الله پاڪ جي ويجهو سڀ کان وڌيڪ پسنديده روزو حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلَام جو روزو آهي (جو هو هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا ۽ هڪ ڏينهن نہ رکندا هئا).“ (بخاری، 1/ 385۔ 3 / 417، حديث:1131۔ 5052) ۽ (3) ”هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ روزو رکڻ.“ بهرحال پير شريف جو روزو نہ سيني کي رکڻ گهرجي ڇو تہ هي سنت آهي. پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر پير شريف جو روزو رکندا هئا، جڏهن ان جو سبب پڇيو ويو تہ پاڻ فرمايائون: مان هن ڏينهن پيدا ٿيو آهيان. (مسلم، ص455، حديث: 2747) اهڙي طرح خميس جو روزو بہ سنت آهي. الله پاڪ جا آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سومر ۽ خميس جو روزو رکڻ پسند فرمائيندا هئا. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: سومر ۽ خميس جي ڏينهن اعمال (الله پاڪ جي بارگاهہ ۾) پيش ٿيندا آهن، مون کي اهو پسند آهي تہ جڏهن

منهنجو عمل پيش ٿئي ته ان وقت مان روزي سان هجان. (ترمذی،2/187،186، حدیث:745، 747)

تمام عاشقانِ رسول کي گهرجي ته رمضان الڪريم جي ياد کي باقي رکڻ لاءِ نفلي روزن جي عادت بڻائين. الله پاڪ چاهيو ته ان سان بين اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي به ترغيب ملندي. اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم!

نظر چاند رمضاں کا جس وقت آیا
ہوا رحمتوں کا زمانے پہ سایہ

افق پر بھی ابرِ کرم چھا گیا تھا
مزہ خوب رمضان میں آرہا تھا

مجھے ماہِ رمضاں کا غم دے الٰہی
مِٹا حُبِّ دنیا کی دل سے سیاہی

مزہ فانی سنسار میں کیا رکھا تھا
مزہ خوب رمضان میں آرہا تھا

(وسائلِ بخشش،ص627)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رمضان کان پوءِ به عبادتون جاري رکو

اي عاشقانِ رمضان! توهان کي رمضان المبارڪ جا روزا رکڻ، تراويح پڙهڻ ۽ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ، تمام گهڻو مبارڪ هجي. الله ڪريم انهن عبادتن کي اوهان جي ۽ اوهان جي صدقي منهنجي بي حساب بخشش جو ذريعو بڻائي. ياد رکو! جنهن خداءِ عظيم جي توهان ماهِ رمضان المبارڪ ۾ عبادت ڪئي آهي، اهو ئي خداءِ رحيم و ڪريم سيني مهينن جو به خالق (يعني پيدا ڪرڻ وارو)

آهي. اي ڪاش! اسان پنهنجون عبادتون صرف رمضان تائين محدود رکڻ بدران سڄو سال بلڪ سڄي زندگي الله پاڪ ۽ ان جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۾ گذارڻ جي سعادت ماڻيون ها.

## رمضانُ المبارڪ جي روزن جي قبوليت جي نشاني

رمضان المبارڪ جي روزن کان پوءِ (نفل) روزن جي عادت بڻائڻ رمضان شريف جي روزن جي قبوليت جي نشاني آهي. ڇو ته الله ڪريم جڏهن ڪنهن ٻانهي جو نيڪ عمل قبول فرمائيندو آهي ته ان کي ان نيڪي کان پوءِ (وڌيڪ) نيڪ ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائيندو آهي. جيئن ڪجهه بزرگن فرمايو آهي: نيڪي جو ثواب ان نيڪي کان پوءِ ٻيهر نيڪي (ڪرڻ) آهي. تنهنڪري جيڪو نيڪ ڪم ڪري ۽ ان کان پوءِ وري نيڪي ڪري ته ٻي نيڪي پهرين نيڪي جي قبول ٿيڻ جي علامت آهي. جنهن طرح ڪنهن نيڪ ڪم ڪيو ۽ ان کان پوءِ وري برائي ڪئي ته اها برائي ان نيڪ ڪم جي رد ٿيڻ ۽ قبول نه ٿيڻ جي علامت آهي. (لطائف المعارف،ص253)

## رمضان کان بعد روزا

حضرت امام شعبي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: رمضان کان پوءِ هڪ روزو رکڻ مون کي سڄي عمر روزا رکڻ کان وڌيڪ پسند آهي. (لطائف المعارف، ص251) اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! ڪيترائي عاشقانِ رسول رمضان شريف گذري وڃڻ کان پوءِ شوال شريف ۾ به روزا رکندا آهن. شوال شريف جي روزن

جي تہ چا ڳالھ ڪجي! ان حوالي سان ٿي فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيش ڪجن ٿا: (1) ”جنھن رمضان جا روزا رکيا پوءِ ڇھ ڏينھن شوال ۾ رکيا تہ ھو پنھنجي گناھن مان ائين نڪري ويندو جيئن ان ڏينھن ھو جنھن ڏينھن سندس ماءُ کيس ڄڻيو ھو.“ (مجمع الزوائد، 425/3، حديث:5102) (2) ”جنھن رمضان جا روزا رکيا پوءِ انھن کان پوءِ ڇھ (6) ڏينھن شوال ۾ رکيا، تہ ائين آھي جيئن زماني (يعني سڄي عمر جي لاءِ) روزو رکيائين.“ (مسلم، ص456، حديث: 1164) (3) ”جنھن عيدالفطر کان پوءِ (شوال جي مھيني ۾) ڇھ روزا رکيا، تنھن ڄڻ سڄي سال جا روزا رکيا، ڇوتہ جيڪو ھڪ نيڪي کڻي ايندو، تنھن کي ان جھڙيون ڏھ (نيڪيون) ملنديون. تنھنڪري، ماهِ رمضان جا روزا رکڻ ڏھن مھينن جي روزن جي برابر آھن ۽ ھنن ڇھن ڏينھن جي روزن (جو ثواب) ٻن مھينن جي برابر آھي، اھڙي ريت ھي سڄي سال جا روزا ٿي ويا.“ (سنن کبری للنسائی، 162/2، 163، حديث:2860، 2861 ملخصاً) بھتر اھو آھي تہ ھي روزا ڌار ڌار رکيا وڃن، جيئن ھڪ ڏينھن ڇڏي ڪري ھڪ ڏينھن رکيو وڃي يا پوري مھيني ۾ جھڙي طرح آساني ٿئي ۽ عيد کان بعد جيڪڏھن ڇھ ڏينھن لاڳيتو بہ رکيا وڃن تہ ڪو حرج ناھي. صرف عيد جي ڏينھن يعني شوال جي پھرين تاريخ جو روزو نہ رکي سگھجي.

## بھترين نيڪي ۽ بدترين گناھ

اي عاشقانِ رسول! اھا نيڪي ڪيتري نہ سٺي آھي جيڪا برائي ۾ مبتلا ٿيڻ کان پوءِ ڪئي وڃي تہ اھا نيڪي ان برائي کي مٽائي

ڇڏيندي ۽ ان کان وڏيڪ بهتر اها نيڪي آهي جيڪا ڪنهن نيڪي کان پوءِ ڪئي وڃي. ۽ اهو گناهه ڪيترو نه برو آهي جيڪو ڪنهن نيڪي کان پوءِ ڪيو وڃي، جيڪو ان نيڪي کي برباد ڪري ڇڏيندو آهي. ياد رکو! توبہ کان پوءِ هڪ گناهه ڪرڻ توبہ کان پهريان ڪيل ستر گناهن کان وڏيڪ برو آهي. الله ڪريم کان موت تائين نيڪي تي ثابت قدمي جي دعا گهرندا رهو ۽ ان کان دلين جي ڦرڻ ۽ نيڪي کان پوءِ گناهه ڏانهن موٽڻ کان پناهه گهرو! يقينًا الله پاڪ جي اطاعت جي سعادت کان پوءِ ان جي نافرماني جي ذلت تمام خراب شيءِ آهي ۽ قناعت (يعني جيڪو مليو ان تي صبر ڪرڻ) جي دولت ملڻ کان پوءِ لالچ جي غربت ۾ پوڻ تمام برو آهي.

(لطائف المعارف،ص257ملتقطاً)

## نوجوانن ۽ پوڙهن کي نصيحت

اي نوجوانو! جيڪڏهن توهان گناهن کي ڇڏڻ تي صبر ڪري ورتو تہ خواهشِ نفس جي لذت کي ڇڏڻ جي بدلي ۾ ايمان جي حلاوت (يعني مٺاس) توهان جي دلين ۾ رکي ويندي، جو تہ جنهن ڪنهن شيءِ کي الله پاڪ لاءِ ڇڏي ڏنو تہ ڪيس ان کان بهتر شيءِ عطا ڪئي ويندي آهي. هي خطاب تہ نوجوانن لاءِ آهي. رهيو پوڙهو شخص، تہ اهو جيڪڏهن رمضان المبارڪ کان پوءِ گناهه جو عادي ٿي وڃي تہ هي اجا بہ وڏيڪ بري ۽ قبيح ڳالهه آهي، جوتہ نوجوان کي تہ پنهنجي عمر جي آخر ۾ توبہ جي ڪجهه نہ ڪجهه اميد هوندي آهي، حالانڪ توبہ جي اميد

تي گناهه ڪرڻ بہ سخت خطري واري ڳالهه آهي ڇو تہ موت اوچتو ۽ جلدي اچي سگهي ٿو، جڏهن تہ پوڙهي شخص جي سواري تہ اميدن جي سمنڊ جي ڪناري تي پهچي چڪي هوندي آهي (يعني پوڙهو شخص موت جي بلڪل ويجهو پهچي چڪو هوندو آهي ۽ ان جي طرف ڪان جواني ٻيهر موٽي ناهي ايندي) تہ پوءِ هو ڪهڙي اميد تي آهي؟ (لطائف المعارف،ص257 ملتقطاً)

ہوگیا تجھ سے خدا ناراض اگر — قبر سُن لے آگ سے جائیگی بھر
عمر میں چھوٹی ہے گر کوئی نماز — جلد ادا کرلے تُو آ غفلت سے باز
چھوڑ دے داڑھی منڈانا ہے حرام — ایک مٹھی سے گھٹانا ہے حرام
*/ذِکْر خوب کر ذِکرِ خدا و مصطفٰے — دل مدینہ یاد سے اُن کی بَنا
کر عطا یارب غمِ شاہِ اُمم — بھول جائیں رنج و غم دنیا کے ہم
اے مری بہنو! سدا پردہ کرو — تم گلی کوچوں میں مَت پِھرتی رہو
یاالٰہی نیک کر عطار کو — بخش دے تُو بخش دے بدکار کو

(وسائل بخشش،ص713، 714)

## برا ماڻهو

حضرت سيدُنا بِشر حافي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: هڪ اهڙي قوم آهي جيڪا صرف رمضان المبارڪ ۾ الله پاڪ جي

عبادت ڪندي ۽ رضاءِ الٰهي ماڻڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. (۽ رمضانُ المبارڪ ڪان سواءِ ائين ناهي ڪندي). پاڻ فرمايائون: ”اها قوم تہ تمام بري آهي جيڪا هي سمجهي ٿي تہ الله پاڪ جو حق صرف رمضان شريف ۾ ئي آهي. بيشڪ نيڪ ٻانهو تہ اهو آهي جيڪو سڄو سال الله پاڪ جي عبادت ڪندو ۽ ان جي رضا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهندو آهي. (لطائف المعارف،ص255)

## هڪ اهم مسئلو

”بهارِ شريعت“ ۾ آهي: ڪو شخص صرف رمضان ۾ نماز پڙهندو آهي بعد ۾ ناهي پڙهندو ۽ چوندو آهي تہ ايترو ئي ڪافي آهي يا جيتري پڙهي آهي اها ئي وڌيڪ آهي چو تہ رمضان ۾ هڪ نماز ستر نمازن جي برابر آهي ايئن چوڻ ڪفر آهي چو تہ ان مان نماز جي فرضيت جو انڪار معلوم ٿئي ٿو. (بہار شریعت،464/2،حصہ:9)

## رَبَّاني بڻج، شعباني نہ بڻج!

ڪنهن حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪان پڇيو تہ رجب افضل آهي يا شعبان؟ پاڻ ان شخص کي فرمايائون: تون رباني بڻج، شعباني نہ بڻج! (يعني پنهنجي عبادت کي ڪنهن مهيني سان خاص نہ ڪر، بلڪ هر مهيني ۽ هر ڏينهن پنهنجي رب جي عبادت ۽ اطاعت ۾ مشغول رهندو ڪر.) (لطائف المعارف،ص255)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عبادت جي توفيق ملڻ تي شڪر جو طريقو

ڪجھ بزرگن رَحمۃُاللہِعَلَیۡھِم ڪي جڏھن اللّٰہ پاڪ رات جو عبادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي تہ انھن ان نعمت جي شڪراني ۾ ڏينھن جو روزو رکيو تہ جيئن رات جي عبادت جو شڪر ادا ٿي وڃي. (لطائف المعارف،ص254)

ياد رکو! اھي نيڪ اعمال جن جي ذريعي بانھو رمضان المبارڪ ۾ اللّٰہ پاڪ جو قرب (يعني ويجھڙائپ) حاصل ڪندو ھو، رمضان گذرڻ ڪان پوءِ انھن نيڪ ڪمن جو وقت ختم ناھي ٿي ويندو، بلڪ جيستائين بانھو زندھ آھي تيستائين اھي نيڪ ڪم ڪرڻ جو وقت ان جي لاءِ باقي (رھندو) آھي. (لطائف المعارف،ص255)

## قيامت ۾ حسرت ٿيندي

اي عاشقانِ رسول! اللّٰہ پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو نفلن جي ذريعي پنھنجي مالڪ ۽ مولا جو قرب (يعني ويجھڙائپ) ماڻڻ ڪان ناھي ٿڪبو. جنھن بانھي جا لمحا ربِ ڪائنات جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪان خالي ھوندا، بيشڪ ان نقصان ڪنيو. ۽ جنھن جو ڪو ڏينھن اللّٰہ ڪريم جي ياد ڪان غفلت ۾ گذريو تہ قيامت ۾ اھو ڏينھن ان جي حسرت جو سبب بڻبو. ھاءِ افسوس ان تي جنھن اللّٰہ پاڪ جي فرمانبرداري ڪانسواءِ گھڻو وقت ضايع ڪري ڇڏيو. ھاءِ

حسرت ان وقت تي جنهن ڪي ان شخص الله پاڪ جي لاءِ ڪيا ويندڙ نيڪ ڪمن ڪانسواءِ گذاري ڇڏيو. (لطائف المعارف،ص256ملخصاً)

اسان جا بزرگانِ دين رَحمةُاللهِ عَلَيْهِم رمضانُ المبارڪ جي عبادتن ڪي نهايت ئي اهميت ڏيندا هئا ۽ ان ڪي پنهنجي بخشش جو ذريعو سمجهندا هئا، جيئن ته

## 80 رمضان جا روزا

عظيم تابعي بزرگ حضرت سيدُنا عطا بن سائب رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان حضرت سيدُنا ابو عبدالرحمٰن سُلمي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي وصال وقت انهن وٽ وياسين ته هنن فرمايو: يقيناً مان پنهنجي ربِ ڪريم کان اميد لڳائي وينو آهيان، بيشڪ مون ان جي رضا لاءِ 80 رمضان جا روزا رکيا آهن. (حلية الاولياء، 213/4،رقم:5288) غور ڪريو ته آخري وقت به هي بزرگ الله پاڪ جي رحمت کي ياد ڪري رهيا هئا. ۽ حديثِ قدسي ۾ آهي ته الله پاڪ فرمائي ٿو: ”اَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِیْ بِیْ“ يعني مان پنهنجي ٻانهي جي گمان جي ويجهو آهيان.“ (مسند احمد،5/ 421، حديث:16016) خاص طور تي آخري وقت ۾ الله پاڪ کان سٺي اميد رکڻ گهرجي. حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رحمةُ الله عليه لکن ٿا: جيڪڏهن ٻانهو معافي جي اميد رکندي مري وڃي ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪيس معافي ئي ملندي. (مراٰة المناجيح،59/3)

الله پاڪ اسان کي به اها توفيق عطا فرمائي، ته جيئن اسان کي به سندس ذات مان حُسنِ ظن جي نعمت نصيب ٿئي. پر اڄڪلهه ڪجهه نادان هي چوندا آهن ته اسان گنهگار آهيون ان ڪري اسان ته جهنم ۾ وينداسين، اهڙن جي لاءِ پورو پورو خطرو آهي ته سندن ڳالهه پوري ٿي وڃي، ان ڪري ائين ڪڏهن به نه چوڻ گهرجي. معاذَ الله! گناهه ڪيترائي هجن جيتوڻيڪ گناهه ڪرڻ نه گهرجن پر جيڪڏهن ٿي ويا هجن تڏهن به الله پاڪ جي رحمت مان مايوس نه ٿيڻ گهرجي، ۽ ڪڏهن به هي نه چوڻ گهرجي، ته مون کي ته بس سزا ئي ملندي، بلڪ الله پاڪ جي رحمت مان سُني اميد رکندي توبه ڪرڻ گهرجي، ۽ جاٺي واٺي گناهه ڪرڻ ته پري جي ڳالهه بلڪ گناهه جي ويجهو به نه وڃڻ گهرجي.

## سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺو

اي عاشقانِ رسول! نيت ڪري وٺو ته اڄ کان پوءِ منهنجي ڪا به نماز قضا نه ٿيندي. الله پاڪ جي نافرماني وارن ڪمن کان بچنداسين. فلمون، ڊراما نه ڏسنداسين، گانا باجا نه ٻڌنداسين، ڏاڙهي نه ڪوڙائينداسين ۽ نه ئي هڪ مٺ کان گهٽائينداسين. عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن قافلي ۾ سفر ڪنداسين. نيڪ اعمال جي رسالي جي ذريعي روزانو پنهنجي عملن جو جائزو وٺنداسين ۽ هر مهيني جي پهرين تاريخ تي رسالو جمع ڪرائينداسين. اسلامي ڀينرون به نيت ڪن ته هميشه

شرعي پردو ڪنديون، پنهنجون ناهيل مجبوريون بيان نہ ڪنديون تہ ”اسان جي خاندان ۾ ڪير پردو ناهي ڪندو، هتي سختي آهي وغيره“.

اسلامي ڀينرون! پردي کان بچڻ لاءِ اج ڪلھ جيڪي مجبوريون ٻڌايون وينديون آهن اهي آخرت ۾ ڪم نہ اينديون ۽ نہ ئي الله پاڪ جي عذاب کان بچائي سگهنديون، اصل مجبوري اها آهي جيڪا آخرت ۾ الله پاڪ جي عذاب کان بچائي ۽ الله ڪري تہ اهڙي مجبوري کان اوهان جو واسطو ئي نہ پئي ۽ اوهان خوش دلي سان الله پاڪ ۽ ان جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سمورن احڪامن تي عمل ڪيو. ياد رکو! پردو فرض آهي. ان جي احڪامن جي معلومات جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب ”پردي جي باري ۾ سوال جواب“ ضرور پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net